# منهنجا مارو ڪٿي

سنڌونگر آهي، سنڌين جو تيرٿ آستان...

پوئين صبح جو ڀڳت جو آوازبي گهر پڪيءَ جي ڪوڪ جيان پڪاري پيو:

”منهنجا مارو ڪٿي ۽ ملير ڪٿي...

آڻي هاءِ وڌو، تقدير ڪٿي...“

ٺڪريءَ تي پکڙيلبئرڪن نما گهرن ۾ وڏڙيون جاڳي پيئون آهن...

”امڙ تون سڏڪا ڇو پيئي ڀرين؟“

”پٽ! هي ڀڳت وارا ڪيڏو ٿا ياد ڏيارين سنڌ جي... منهنجا مارو ڪٿي...“

”اڙي منهنجي امڙ ڇا پيئي ڪرين... سمجهه ڪٿي هيءَ تنهنجي سنڌ آهي... ڇڻ ڊومڻواهه تي ڀڳت پيئي پوي... تون ويٺي ماوئيءَ جون پڪارونبڌين...“

”هئو پٽ! مئين نه جتي سنڌي تتي سنڌ آهي... پر ڇا ڪريان من نٿو جهلجي...“

”اڙي وري پيئي ڦٽڪين... هان وٺ پاڻي پيءُ نه...“

”پپا! ممي ڪيون لوتي (روتي) هيءَ؟“

”اڙي گل پٽ جاڳي آهين! تون مما سان سنڌيءَ ۾ نٿي ڳالهائين انڪري ٿي روئي...“

”نه مما! هاڻي مان توڇا چنڌيءَ ۾بات ڪندچ.“ٻالڪيءَ طوطلي زبان ۾ چيو)

”ها پٽ، ڇو نه سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندينءَ. سنڌين جيبچڙي جو آهين.“

”ها مما مان چنديءَ (سنڌي) ۾ ڳالهيندچ.“

”امڙ تون پاڻي پيءُ. گليبار! گاليندچ نه چئه، ڳالهائيندس چئه.“

”واه ڀڳوان.. ڪيڏو سيتل جل آهي سنڌونگر جو. جهڙي سنڌو درياهه جي ذات!“

”ڏس امڙ سنڌو ندي نه ساڳي هئي پر گدومبندر وٽ انکي وڌو درياهه چوندا هئا...“

”امڙ توکي ٿيو چاهي... جهڪيڻ نپنيءَ سنڌ ۾، اتي درازن تي وڃي سچل سائينءَ کي پوڄيئه. پٽ شاهه جون وري وري زيارتون ڪيئي اچا سڪ ڪانه پوري ٿي اٿيئي؟ هاڻي چگو ملئين اٿيئي ته هيڏيءَ وڏيءَ عمر ۾ سنڌونگر جي سنتن درويشن جي پوميءَ ڪيئي سنڌ ڪري سمجهڻين ويني نه پڳت جو آواز...“

ڀڳتبه سچ ٿو چوي..”ديسي دوست مٿي ڏاريا سيڻ ڪرڻ - آهي موت ڪان وڌ پنهنجو ملڪ ڇڏڻ...“

”چوان ٿو سنڌونگر ڪيئي هاڻي پنهنجي سنڌ ڪري ڪٿي سمجهه.“

”موڪڏس اچا ته سرڪار سنڌونگر نالوبه نٿي قبول ڪري. ڪلياڻ، ڪليان ۽ الهاسنگر وينا چون... سنڌي جا ساڳيا راڳ اڄ روئارين ٿا مونکي.“

”روئاريندڙ راڳ ته تونبه ڳائيندي هئينءَ:

چوبند ڪيئبند ڪاري هٽ منهنجا نيڻ رڙن...“

”اڄڻ وڃڻ جون راهون ئيبند ٿي ويئون آهن، ڪيئن نه نيڻ رڙندا!“

”تون ته امڙ ڪلندي روئي ٿي پوين.“

”ڇڏ ماريا، تون ته اچا ننڍو هئين، جڏهن سنڌ ڇڏيسين. مونکي ته سيني مٿن ملئن اوڙن پاڙن جون يادگيريون ٿيون ستائين....“

”امڙ، هاڻي ته سدا وَسي سنڌونگر، تيرٿ تروبه اهوئي اٿيئي. سنڌو جي يادن جو للبم اهوئي اٿيئي...“

”پربچا تونبه ته ڏاڍو اداس ٿو لڳين. مانبه ڏسان ويني هن پوئين صبح جي مهل وري وري پيو ملهاسيون ڏين.“

”امڙ اداس ٿيڻ جو سبب آهي نه. سنڌيبولي جيڪلئي سڪ ميلاپ جو ڏاڳو وڃي رهي آهي، ان تي اچي گرهه چاري ويني آهي. وڏن شهرن مان سنڌي اسڪول ڪجندا پيا وڃن، ننڍن شهرن ۾به ڪانوينٽن جو زور آهي. ڇا ڪجي...؟“

”هٽ منهنجي سنڌي تخم کي اچي ڪيڙو لڳو آهي. ڏس، تنهنجي راڻيبه ته ڪانوينٽ جي پڙهيل آهي نه.“

”پر هاڻي تہ هنءِ ببيءَ کي تو وٽ ڇڏيو آهي تہ ويني سنڌي سيکاريس.“

”هائوءبلبا جوان ميم صاحبان ڪري نوڪري ۽ گهمي ڦري، مان پيرسن(ٻي) ڪريانس ڏيءُ جي چاڪري.“

”اهو تہ وجهہ مليو اٿيئي، پوٽيءَ کي سنڌيءَ جي ستي پيئاري جيون سڦلو ڪرين.“

”ٺريو ملڪ! پٽ، هي اڄ ڪانوينٽن جا پڙهيلءٻچا هڪٻئي کي سنڌي سمجهي سچاڻندا؟ سنڌي آهن جوئارو اٿو. هڪٻئي کان پاسو ڪري هلڻ وارا آهن.“

”امڙ! ڏس تون آهين اسانجي سدا جوان سنڌياڻي ماءُ! تون ننهن جي ڳالهہ کي ٻين وانگرءبي سمجهيءَ سان نءبڌ.“

”ماريا ڏاڍو چرچلئي آهين. هاڻي مان آهيان سدا جوان! هڪ پير مسڻ ۾ وجي پهتو اٿم... ڀلا ڪهڙيءبي سمجهي ڪئي اٿم ننهن لاءِ؟ ڳالهہ ڪر.“

”امڙ هوءَ چوي ٿي ڪاليج ۾ مونکيءبين جاتين اڳيان شرمندو ٿيڻو پوندو هو. سنڌين جون خاص ريتيون، رسمون، رواج، ڳالهائڻ، وهنوار جوسهٽو سنڌي ڍنگ نہ ايندو هو. انڪري ڏيءُ کي تو وٽ موڪليو اٿس تہ تون روز انهيءَ نڪر جي ناڪر ۾ سنڌي ساهہ ڀريندينءَ... پر تو چيو تہ جوان ميم صاحبان گهمي ڦري ۽ تون ٻڍي چاڪري ڪرين.“

”اڇا! هيءَ تہ وڏي زوراوري آهي. پرٻچا ڳالهہ هاڻ مونکي سمجهہ ۾ مڱئي آهي. گلڙيءَ کي ڏسج ڪهڙي ٿي پڪي سنڌياڻيءبڻايانس. ڏس هيءَ تہ سمهي پيئي. چوڪري ڏاڍي نٽ ڪٽ آهي. چي: مونکي پيا مڇ جا وار چوي پيو... گهوري وجان پنهنجي ننڍڙي سنڌياڻيءَ تان.. جان سان ٿي لڳايانس تہ لحظائي لهيو وجنم... ڏس وري وينو ڳلئيئي پڳت:

”جن جو ملڪ ويو تن جو ڪهڙو جيئڻ،
ايندي ساهہ سڙيل کي سـڌيـر ڪـتـي؟
منهنجا مـارو ڪـتي ۽ مـلـيـر ڪـتي؟“

(نئين دنيا – 1997 تان)